# مهراڻ

ٽماهي

آڪٽوبر،
نومبر ۽
ڊسمبر
1978ع





اوسر (وکاس Evolution) چترکار: بنگی



28- آڪٽوبر 1961ع تي سنڌي ادبي بورڊ جي هڪ ميٽنگ: تڏهوڪي ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن ۽ بورڊ جي چيئرمين مرحوم نيازاحمد ان جي صدارت ڪئي. فوٽو ۾ ساڄي پاسي: تڏهوڪو سيڪريٽري سيد شاهه محمد شاهه ۽ ميمبر سيد ميران محمد شاهه، مخدوم محمد زمان طالب المولى، عبدالغفور پرڳڙي ...

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو علمي ۽ ادبي دستاويز

[27 ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ ‏ نمبر 4]

آڪٽوبر، نومبر ۽ ڊسمبر

1978ع

•

ايڊيٽر: امداد حسيني

مئنيجنگ ايڊيٽر: ظفر حسن

اسسٽنٽ ايڊيٽر: پرڀو "ناشاد"


سنڌي ادبي بورڊ

سنڌ يونيورسٽي نيو ڪئمپس، ڄامشورو سنڌ.

پوسٽ باڪس نمبر 12، حيدرآباد سنڌ.

قيمت في پرچو 6-00 رپيا ‏ ‏ ‏ ‏ ساليانو چندو 20-00 رپيا

# مخدوم محمد زمان "طالب المولیٰ"

## غــزل

دل ۾ ڏاڍي اچي دلدار جي در کي ويجهو،
جو مستان هو نه ڏسي ديده تر کي ويجهو.

تلخيءِ دهر جي ڪثرت کان هي حالات ٿيا،
مان ڀڄي ڪونه سگهيس شهد شڪر کي ويجهو.

ٿئي ٿي جالي جو نه حاصل اي سگهيو صبحِ وصال،
جيئن وڃي ڪونه سگهي شام سحر کي ويجهو.

هو ڀري آهه هميشه کان ڀري ٿي رهندو،
جيئن اچي ڪين سگهي شمس قمر کي ويجهو.

گوهرِ عشق تي هر وقت نهايت مون ڪئي،
ڪونه هرگز مان ويس سيم ۽ زر کي ويجهو.

شاعري ذهن جي احساس جو نالو آهي،
مون وڃي آهه ڏٺو حسنِ بشر کي ويجهو.

جو پلا 'طالب المولا' رهي غمگين هردم،
آهي مولا ته سندس دست نگر کي ويجهو.

ڏٺاسون زماني ۾ ڏاڍا ديوانا،
ڪي ڏاڍا ديوانا، ڪي ديوانا ڏاڍا.

گهرون لڌا تہ آباد ڪريون ويرانا،
طبيعت محبت ڪئي وحشيانا.

اڄ ٿا سوڀن ياد پنهنجا فسانا،
هو پنهنجا فسانا، هو گذريل زمانا.

اوهان سرد مهري ۾ آرامي آهيو،
اسان جا آهي جذبا تازا توانا.

اڃا تائين احساس دردن کي آهن،
هنيا جي لڳاهن جا تو تازيانا.

حقيقت ۾ آهيون ۽ دانهون ٿي آهن،
جهان وارا سمجهن ٿا لغما ڏرالا.

ڪئي سون لہ شاهن جي ڪا دست بوسي،
وسن شال ساقين سندا آشيانا.

سڄي عمر اڄ تائين اينهين ئي گذري،
اسان جون اميدون، اوهان جا بهانا.

اڃا ڀريون سجدو ئي پورو لٿو ٿئي،
پڄن ٿا ڪئي باقي فرضي دوگانا.

هي مخدومي پيري جو آهي ڪو پردو،
طبيعت فقيرانا يا عاشقانا.

اي مولا، سنڌ ۽ 'طالب، مولا' تہ ٿئي،
ڏجئين ڪيس دارين جا پني خزانا.

سليم ڳاڙهوي

# ناچ

زندگي رهگذارن ۾ ترڙپي رهي
آه اڀري رهي
ساز وڄندا رهيا، راڳ جاري رهيو، جام ڦرندا رهيا.
چهرو چمڪي رهي
ناچ ٿينهو رهيو
ٻاهه ڀڙڪي رهي، شمع روئندي رهي
محفلن ۾ ڪي راڪاس کيلندا رهيا
ڪي پتنگن جا البوهه جلندا رهيا
ڪن جا عشرت ڪدا رت سان روشن رهيا، ڪن جي خس خاني جي خاڪ چڻندي رهي.

ناچ ٿيندو رهيو
چير چمڪي رهي
اهرمن جا وڏا ڏنه ٽڙندا رهيا، وحشتن جا ڳهٽا ميڙ مڙندا رهيا.
دُنگ دنگن مٿان جام جاري رهيا، مٺ ۾ چلندي رهي، ڪرڪ ڳوڙندا رهيا.
ڪنڌ لڏندا رهيا، شور وڌندو ويو، جوش جاڳي پيو،
هوش ويندو رهيو
روح ريهون ڪيون
ڪنهن جون آهون اٿيون، ڪنهن جون دانهون اٿيون، ڏاهه جي روح ۾ سڀ عدم ٿي ويون.
ڪيئي اکڙيون ڀنيون، ڪيئي ڳوڙها ڳڙيا،
ڪنهن جي دامن مٿان لال ليڪا لڙيا
ڪيئي سنڌڪا سڙيا
ڪيئي آڱا ٻڏا، ڪيئي آسون لٽيون،
ڪي جواليون لٽيون، ڪي ڪهاڻيون ڪٽيون،
وار ڪولي شرافت رُلي زار زار
بي سڪون، بيقرار،
زخم ٽمندا رهيا، داغ ٻرندا رهيا.
خوب ٿاڙيون وڳيون
چهرو چمڪي رهي
ناچ جاري رهيو!

# محمد ابراهيم داغ ٽکڙائي

## ڪافيون

ساري ساھ ٿو سنگهارن کي، تن ويڙهيچن ولهارن کي.

ڪيئن قيد منجهان اي سومر عمر، شل تنهنجا ڪِرن اهي ڪوٽ قصر،
هُتي توکي پيئندا منهنجا ڀنهور، سونهي ڪينءَ ستم سردارن کي!

اڄ آهي آتر ڪان هيرَ ڪُنلي، وڻ ٽڻ کي وسڻ جي ڪيرَ ملي،
ڏي موڪل مون کي ميرَ ڪيلي، وڃي ويڙهه ڏسان وسڪارن کي.

ڪري ياد وطن اکيون روز روئن، ٻيون پنهنجي وطن لئي واجهه وجهن،
جيئن رات پڇي تشن نيڻ وسن، نٿو صبر اچي ميڪَ وارن کي.

مَنَ داغ وصل جو واءُ وري، شل ٿهري عمر جو ڪوٽ ڪِري،
نه ڪا دانهن اثر ٿي منهنجي ڪري، وڃي هَٿ سان هُجان ڀنهوارن کي.

●

آيو يار اڱڻ ڪوڙين ڪرم ڪري، ڏسي جنهن کي سندر ٿئي دلڙي ٺري.

تنهنجي گهورن تان آءٌ گهور وڃان، جيسين جيئري هتان تنهنجا ٿورا ميان،
تنهنجا پير پرين اهي جو نه چُمان، جيڪي آئين وٺ محبوب پري.

تنهنجي حسن جو آهي هر جا هُل، ڪري ريس نه تو سان ڪوهه ڪنول،
ويهه سيج چڙهي منهنجا محب ميل، متان مون کان پرين ٿيين پل نه پري.

تنهنجا ٿورا نه ٿورا ڀائيندس، ڪري قرب ڪمال ڪمائيندس،
وري پير نه پَرتي هٽائيندس، ٿو سان داغ نياڻي لئنهن مري.

## استاد بخاري

● ڪير ٿو ڪنهن کي سڏائي ڇوڙي هاڃيڪار هانڙهي رات ۾
رات جا
چارئي طرف ڪاري ٻــ آ
چارئي ڀر چاري ٻــ آ
ڪُهني ٻــ آ
ڏنڀي ٻــ آ
ڪبڙي ٻــ آ
ڪير ٿو ڪنهن کي سڏائي، ڇوڙي رهزن رات ۾.
سج،
پيهي ويو ڀاڙن جي پنيان ـ ڪو وقت ٿيو
چنڊ
الائي ڪهڙي ڇُڙ ۾ ـ ڏور ـ ڇڪنا چور آ
تارا ويچارا
جي آهن ٽڪرا، ٻــر چمڪنا ۽ چلڪنا
سي
ٿي ڪوراڙ ڪارونڀار جهڙ آهن وڏا اوڙاهه ۾
هڪ ٿو هٿ سان ملي
اک ٿي اک کي ڏسي
هڪ ته گهٽڪهٽ اولداهه
پيو گجگاهه پيلا ـ هاٽ... هاٽ!
وات هولدي لاهي وات!
ڪينن ڪجي؟
وڏ ٿو ٻــ آ اڪثي ضرور
ملٿو ٻه آ محبوب سهڻي سات سان
ڪينن ڪجي
هن
ڪينن ڪجي؟

او ڪري پنو وج، اڄ پيرن مٿان ٻئلا ٻــرن،
روشنايون روشنايون تــي وهن
واهــرو ـــ واهون ـــ ملن!

## • وائي

**غلام حسين رنگريز**

ڪوڙ ڪري سچ زهر ڪيئي، ڪيڏو هي الذهر ڪيئي!
يارن جهڙي عادت تنهنجي، ڏاهي ڏينگا ڏهر ڪيئي!
ڪاري ڪري آئي آپ تي، سچ سان ڪوڙو ويهر ڪيئي!

## - ٻه نظم

**حيات جتوئي**

• ڪو سوڙو چڙهيو سوريءَ تي
جو ڪنوار ڪين ۾ ٻڏو لاهه
مينديءَ جا ونَ ني وڏجي ويا
الا، ٻٽن ۾ ڪيڙو لاهه

رت ريتا ٻادل آپ تي
۽ رتني هوا ۾ آڏري ٿي
ڪيڏهن ڪڇهو آ ڳالهايو
ڪا ٻاهه ۾ ٻرني ٻجري ٿي

• چوري ايڏي لند ڪرين
ڪهڙا خواب سجايا ٿئي
وٽ آئي ٿي ويل وڃي
ٻوه جا سڏ اجايا ٿئي
ليم ليم لائي آندائن جا
سالون جا هي سيا ٿئي

## • وائي

**ساز ملاڪاتياري**

ٻاهه ڪنوڻ جو هَس بادل، وَس وَس بادل وَس!

مون ڏي والڪي ڪونڌ منجهانِ وريو، الا مارن چو ڪئي ٻَس بادل!
الا سانگيڙن لئه ڪا سار لڌي، ڏِج جهالڪيڙن ڪي جَس بادل!
الا تاجيءَ هيٺي ٻت مارو، جن جي ريهائين ۾ رَس بادل!
الا 'ساز' وطن ۾ ساهه ڏيان، ٻوه تہ ڪالهي ڪَس بادل!

## • غزل

**مسڪين راشدي**

ليهه شل سُک توکي هوءِ، سون ڪي ڏک ٻہ پيارا آهن.
آجرو آجرو سن آ منهنجو، ڪهڙا قالل ميرا آهن.
سالهو لاهن سيني سهشا، ڪي ڪي سوتون دائا آهن.
هر هڪ دل ۾ ڪهنيل ڪهنيل، تنهنجا منهنجا سڏڪا آهن.

غزل

## راهي چنا

ڏات سنڌو مان ڏوهي سائين،
منهنجا گيت سدائين ڪمايل.
وک وک تي ٿو واڪا ڪريان،
ڪيسين رهندا ديپ اجهايل!
پار پرينءَ کان هير ڪهڙي ڪا،
صدين کان آ ساهہ سڪايل.
آءُ ميندرا حال تہ اوريون،
ميڙيو ڪاڪ ڪنول ڪومايل.
پيار ڪري پڄايون ڇا لئي،
روح جي آهي راند رچايل.
ڪنوڻ ڪنوي ٿي برسيو بادل،
ڇنن ڇنن ڇمڪي ٿي پايل.
روز ازل کان پياسا آهيون،
اوت اجها هين لڱ اڃايل.
من جو پنڇي قيد نہ ٿيندو،
ڪُوڪي پئي ڪاري ڪويل.

## پيار علي پريمي

•

جنجهرن ۾ جڪڙيل آهيون،
پاڙن کان ئي اکڙيل آهيون.
پيرن تي ويساهہ اسان جو،
وهن منجهہ وکوڙيل آهيون.
ڪٽليل مٽ جي اڳرين جان،
هڪٻئي کان سڀ وڇڙيل آهيون.
ڏيهہ اندر پرڏيهي آهيون،
ڪهَر تنڙ هولڊي ڌتڙيل آهيون.
شل هي جاڳي جڳ 'پريمي'،
لڙهين منجهہ ليوڙهيل آهيون.

## اشرف آصف

•

رُت ميندي ءَ رتي سنڌ سوريءَ ڪيا،
سُرڪندي سرڪندي مرد تنهن ڏي ويا.
اوچتو ٿي وئي مات ئي مات آ،
سچ آهي گهٽي، ڪاهہ ڪالهي صدا!
هن ڪلا کان سوا هي ڪوئي آ ائين،
جسم کان روح جا جڻ ٽٽا سلسلا.
ائين پنن تي هنا ماڪ جا هي ڦڙا،
رات جا ڪي لڙي لُڙڪ آهن پيا.
جي هجي وس اهو مان ڪڪر ٿي پوان،
هيءَ ڌرتي ڇڏي، پيو ڪهان تي ڪهنا!

## اڪبر سومرو

### تصوير

ڪئنواس تي تنهنجي تصوير
سچڙا
وار ڪڪر ڪارا
ڪن ڪارونڀار
سچڻ
چپ ڳاڙها گل
مٿان ڇهين تون ٻه
ٻنجي ويندن جهير
سڄو ڪارو لڪ ۾
تون هئين ۽ مان هئس
لڳي سنڌوءَ هير
ڪئنواس تي تنهنجي تصوير.

●

## شاد عباسي ٻورڙائي

### ڏيڙو

ٿامي "مهراڻ"
ادب جي باغ جي
سگنڌ ۽ سرهاڻ.

ٻيامي "مهراڻ"
عشق وارن جي
الفت جو اهڃاڻ.

## درگاهي ديوانو

### ساگر

ساگر
مها ساگر
ليرو ليرو اونهو اٿاهه
ان جي لهرن ۾ آ بينو
پربت بي پرواهه.
ساگر
اجڙو اولهو
جهڙي منهنجي سوچ
لهرون لڙن ليون
گڏجي وڌهن ٽيون پربت سان
هر پربت ساڳو اوچي ڳاٽ
پربت جي هڪ ٻڙ تي
آئون وياڪل ويٺو آهيان
سوچيان ويٺو
ڇولين ۾ بي شڪتي آهي
پربت ۾ پي ٻل
آئون آتر انسان ڪو سڏجان
مون ۾ ڪهڙو ٻل؟!

## ظفرالدين عباسي

### ڏيڙو

پڙهي "مهراڻ"
جڻ
ملهو ڇهراڻ.

●

رات پيهندي جنڊ
ڪومل هنڌن والکيان
ليڻون ليڻون لهو چنڊ.

## ج . ع . منگهاڻي

### وايون

اوکو اوکو، جيون اوکو
هلچل ڏاران ماڻهو ڪوڪو،
جيون اوکو.
ڏيو ۽ دوکو، ونو ۽ دوکو،
جيون اوکو.
ماڳهين جان سندو آ جوکو،
جيون اوکو.

●

هيرَ ڪُهلي ڙي، هيرَ ڪُهلي ڙي.
ٿڌ ڀَرالا هيا آڪيلي ڙي،
هيرَ ڪُهلي ڙي.
روهن ۾ وني سوچ رُلي ڙي،
هيرَ ڪُهلي ڙي.
ليڻ نماڻا هيا اٿلي ڙي،
هيرَ ڪُهلي ڙي

### ٽيڙو

ليڪڪ جو ليڪ،
اهڙو جهڙو —
سچ جو ٽيڪ.

●

ونو ساوڻ مينهن
ڳاهه ڦٽو ۽ ساهه ۾
سالو ليو لينهن.

## ولي رام ولڀ

●

### ڪجهه ڪوتائون

شهرت ڪاڻ
ٻئر هٿي
ڳاريون ڏئي
ڌڪون آڇلي
ڳاٽ اوچو ڪيو
۽ هو بي نانءُ ماڻهو
ڪنڌ لوائي
ماٺ ۾ هليو ويو
مون ڏٺو:
ماڻهن سندس چَرڻ چُميا؟

●

شهر ۾
ڪيس ڪير ۽
نئو سچالي
هوله و هو ڪڏهن
چؤراول هن جو
سندس ڀاڱ سچاڻ جوا

●

تارون منهنجو ريتي ريتي
زبان خشڪ ۽ سُڪل
اَج جي باهه
ڪيتَ هرڪا ٽانڊا ٽانڊا
تنهنجي چپن ۾ ماڪيءَ جو درياهه
اُجهل — اٿاهه!

●

ڪيرو ڳاني
ڪنهن کي لو پڏاني!
ڪولي آهي؟ ڪوني آهي؟

## زينت ٻروهي

### ڏهڪاءُ

سُندر نار جي چپ جو چمڪو
چنل چپ جو ٻاڪ
ڪارو نالڳ ليٽاڪو ڏائڻ
ڏنگي نہ هَنَن جو ماڪ!

خواب اڌورو سور سمورو
مارونڙن ليءِ سُور
سُندر نار جي چپ جو چمڪو
سالڪينڙن ليءِ سُورا

چنل چپ ۾ ليٽڙا ٻاني
چوڏهينءَ رات جو چنڊ
(جڻ) سورج ڪارڻ ٽوڙڻ چاهي
اولڏاهين جو منڊ!

(۽) ڪارو نالڳ ليٽاڪو ڏائڻ
ڪولي پيو سو ٻهر
جنهن آ هَنَن جي لنڊ ڦاٽي
جنهن ٻاتي آ چيرا

## شهناز ميمڻ

سهنا
ڏوهجي وٺا سپ
لڙڪن جي ڌارا ۾
جيئن
پاڻيءَ جي لهر ۾
لڙهي وڃي
هڪ وارياسو ڪهرا!

### شاني

ساهہ مُنجهي ٿو
هاڻ، ٻُڌي ٿو-الهيءَ سوچ سان
تہ جنهن پل آنءُ مران
مرڻ کان پوءِ
توهين ڇڏي مون کي
هيڪلي، تنها قبر منجهہ
هليا ويندؤ
۽ آنءُ
آن پل جو سوچي
ٽـڌي ٿيان لي
۽ ٽـڌي پوي ٿي
سوچ جي تاثيل تنهہ ذهن سان
۽ مري نري وڃان ٿي آن پل آنءُ
ٻُڌي وڃي ٿو منهنجو هاڻءُ!

## مختار ملڪ

### غزل

●

جن جي دل ۾ ڏک جو ڏيرو، ان لئه ساڳيو سانجهه سويرو.
چاهت جي چالبازوڪي جنهن ۾، ڇٻو مٽيءَ آهو ڪنن ميروا
ڪلهه جنهن مير تي هنج لٿا ها، اڄ اُت ڪانوَن جو آکيرو.
ٻيڙ ٻروچن جي ماڪ وڏن تان، آءٌ تڪو يا چنڊ تڪيرو.
ڳنڍي ٻانهيءَ ۾ ڳل چاوا، هونئن تڙپ جو ڳهر ڳهيرو.

### گيت

آءٌ وٺو واجهايان: ٻر واءُ ۾ خوشبو آئي - سائين، ڪنهن لئه جيئبو هالي!
ٻالجي سوچيم: تو ڪي ويندس سان سپنن ۾ ماٺي - سائين، ڪنهن لئه جيئبو هالي!
روز جيان ٿي، اڄ به ناهي، ڪوئي سنجهان ڄاڻي - سائين، ڪنهن لئه جيئبو هالي!
سوچيا ۽ سُرهاڻ ڪٿي آ؟ واءُ جڏيا ڳل ڇاڻي - سائين، ڪنهن لئه جيئبو هالي!

## رسول بخش قريشي

### ڪجهه نظم

●

جن جا گناهه ٻه ٻارانا
ثواب ٻه ٻارانا
تن سان ڀلا او راڻا
ڪهڙا ٻارانا

جيئن آياڻو
سدا آياڻو
ڏينهن هجي يا رات
تازي سالي تات!

ٻچان ٻيو ته
ڪٿي هن دؤر جي
ڏاهن تي
سوچيندي سوچيندي
چريو ٿي ٿو پوان!

تيئن سياڻو
سدا سياڻو
ڇپ چوري يا ڇپ رهي
قلم ڪٿي يا ڪات
موت سگهي ٿو مڃي نه مات!

## راشد مورائي

### وائي ۽ نظم

ڪيت ڪلهوڪا ڪاتل تنهنجا، هينئڙي منجهه هڻن،
آلا ڙي، شل هي چپ چڻن!
ٻن ٻن مان ٻڙلاءِ اچي ٿو، ٻيهر ٻول ٻڌن،
آلا ڙي، شل هي چپ چڻن!
ڪهڙ ڪنگڻا ڪوٽ ڏسان ٿو، منهنجا ڦٽ جهڻن،
آلا ڙي، شل هي چپ چڻن!
سنڌڙيءَ جي سوني تي سائين، ٻيا ٿا سڀ سڻن،
آلا ڙي، شل هي چپ چڻن!
وانگي شال وساري ويٺا، ڪڏهي حق ڪمڻن،
آلا ڙي، شل هي چپ چڻن!

ڇهوڪڙي ۾
واءُ جو جهونڪو
تنهنجي گهر جي سيرلن منجهاران
خوشبو ڪيڙي
الين ٿو پاسي
پنالي جي ايتن جو آهي جڻ تعبير
عالم سڀ آباد ٿيو آ
سنڌ سڄيءَ ۾ آهه سڪارا

## ذاج جويو

### وائي

ٻاڪت سهل، وڻ وهنتل، آيرهون سُونون سوچ جون،
اکيون اوجاڳي ٻکيون، ڪٽل پئنل.
تالا ٻالا ڪوڙڪيون، ساهه آڇل.
آهون دانهون بند ۾، ٻوهه به آٽل.
ٻوتيءَ ٻوتيءَ ٻالڌ ۾، آس سٽل.

## سروپ چندر "شاد"

# گيت

تنهنجو روپ سنواريان، يار،
هلي آ جاني جلوي دار،
هلي آ محبتن ميٺا منٺار.

اڄ، اکڙين ۾ سرمي بدران، آس جا ڏيئا ٻاريان،
اڄ، چپڙن تي لاليءَ بدران، ڳاڙها گيت سنواريان،
ڇيڙيان دل جا تار، هلي آ.

هٿن هٿن ۾ منديءَ بدران، سُولهين همٿ جي ڏوري،
پيرن ۾ پازيب جي بدرن، اڳتي هلڻ جي جهوري،
منزل آهي پار، هلي آ.

هارن بدران سُولهن سيني تي گهاون جا ٿا گل،
گهاءَ اسان کي ساڃهه ڏيندا، جنهن جو مُل نه تُل،
هينڙي ۾ هُٻڪار، هلي آ.

اڄ تہ تنهنجي دل ۾ پريان ڌرتيءَ جا ڏک سور،
تنهنجي سوچن ۾ لوچ پريان ۽ لوچ ۾ لڳون شعور،
گيتن ۾، گُولجار، هلي آ.

تنهنجي ٻوليءَ ۾ پريان کي انقلابي رنگ،
تنهنجي ٻول ٻول ۾ پري چڙيان، آءِ، چنگ،
لفظن ۾، للڪار، هلي آ.

اڄ تہ توکي پيش ڪريان آئون، فڪر جا ڳاڙها گل،
تنهنجي چوٽيءَ منجهه سجايان، چنگ جو جوٽي ڦل؛
وهه واهه هي سينگار، هلي آ.

# وايون

سُون سرڪي سِرتي، ڇوٽي ڳوڙها ڳاڙهن؟
سورُ ڏني، لاسور ڏني، تُنهنجي دل ڪنهن ورتي؟
آپَ ڀري لوڇو آهون، ڇو ڏُڏي ٿي ڏرتي؟
سُرسُر سنڌڪي سُرلدي ۾، آگر آگر آرتي.
پيار-رتن سا مائيندي، جا پيڙا سان پرتي.

●

ڇوري ڇو ڪيلين ٿي؟ آڏيءَ ويلهي ٽون!
ساوڻ رُت ۾ ڍيل واري، ڇالاءِ لورَ ليلين ٿي؟
چالبدوڪيءَ ۾ ليم هينئان، ڪنهن سان ليڪي ملين ٿي؟
گهر گهر هوندي تنهنجي ڳال، وينگس ڇو وقلمن ٿي.

●

تون آهين ورڌاتا(1)، ليک(2) آئي تون پنهنجو ليک!
سُستي سوت آ، چُستي جيوَن، آٿ، وڌاءِ وِک.
وهر-واڪهه سان، سمنڊ اجهاڳ سان، سينو ساهڻ سيک.
مانهوءَ لئه محنت ائين آهي، مُنديءَ ۾ جئن ليک(3)
جيوَن آ پورالو سنڌڙو، تار وهي ٿو ٺيک.

# راج-راڻو

لنيڙو ڏينو،
ساري ساري رات سڙي ٿو،
تيز هوائن سان لڙي ٿو،
ڪينَ مُڙي ٿو.
اوله جو هي ازلي ويري،
اولڏاهيءَ سان سينو ساهي،
پنهنجي جان جلائي ٿو
جڳ ۾ جوت ڦهلائي ٿو.

جيڪو ماڻهو،
ڏيني وانگي،
پاڻ جلي ٿو جوت وڏائي،
ماڻهوئن جا ڏُکَ گهٽائي،
هر الياءَ سان سينو ساهي:
اهو راج جو راڻو آهي،
سچ پچ موتيءَ داڻو آهي،

---

(1) ورڌاتا: تقدير لکندڙ، (2) ليک: تقدير، (3) ليک: ٽيڪ

## انور پيرزادو

### سچ

سچُ ڇڏو آ سچ جيان
تون ڏوڙا اکيون بند ڪري به
ڏسي سگهين ٿو-
هر جي تنهنجين اکين مٿان
اونداهه جا هي ڇوڙ لهن
هر جي تنهنجيءَ اندرينءَ اک کي
ڪولي، ڦاڙي،
تاريخن جي ترورن جا ٿاءَ ڏسين،

هر جي،
تنهنجي اکين اندر
ساهه جو ڪو سُرمو پائي،

هر جي
تنهنجي ڏوڙن ۾
ڪو ڏؤر سُرائي ڦيرائي -

هر جي،
ڏوٿاڻ جون تيرهن تاليون
هي سڀ دور ڪرين ته،
مان سمجهان ٿو،
اکين ۾ ڪان عذر ڪري به،
الڏا پوڙا ڳولڪا ڏوتا،
ماڻهو پوءِ به سچائي سگهين ٿو-
پل ته ڪنن ۾ ڪهه هجني،
پل ته چنگهون ۽ پالهون تنهنجيون
ٽالهن جي لوڙيءَ منجهه وڪوڙيل
ويڙهيل سيڙهيل پڌل هجن-
پل ته ڳچيءَ ۾ ڳنڍيءَ جو ڪو ڳهوڳهو
پاٿل ڇو نه هجني،
۽ آرهه تي ڳوري لالچ جي ڪا لَتَ
هجني،
سچُ ته پوءِ به سُرهو آهي،
ڪيسين ساهه سَنجهائي سگهندين-
جيسين ساهه ڪٿين ٿو ڏوتا،
سچ جي هن سُرهاڻ ڪي ناسون
بند ڪري به،
سُنگهين سگهين ٿو!

### نظم

رات جون وهڙون،
ڏک جا ڏوڙڪا
تبرون تارن جون
هي ستهمڻون،
چاندوڪيءَ جون چِترون،
پوتيءَ جي هڪ پلوءَ ۾
ويڙهي سيڙهي
ڏوهه ثواب کي
ڏوراپا ڏئي،
جيءَ جاي ڪا
لڪني آ!

# تنوير عباسي

●

ماضيءَ تي ٿا پاڻ پڙايو، حال ۾ ڪهڙا آهيو!
هونئن ڏسبو اڳتي وڌيو، ڪيئن ڀلا سمجهايو!
آڻ ڀڪيءَ جان واريءَ ۾ ٿا، پنهنجو منهن لڪايو!
پيالو موٽ ته پريو آهي پر، اوهان نه هٿ وڌايو!
ماضيءَ تي ٿا پاڻ پڙايو!

●

سدائين ائين ڪين گهرائبو آ
ڪٺليءَ دل سان ڪڏهين ته ڳالهائبو آ

ٻين جي اکيان جيئن شرمائجن ٿي
اسان جي اکيان ائين نه شرمائبو آ

نه شوخن سان دل کي ڪو اٽڪائبو آ
جي اٽڪائبو آ ته پڇتائبو آ.

سچي عمر پڙهبو ٻڌو آ سبق هڪ
پنو عشق جو ڪين اٿلائبو آ

زبان سان جڏهن ڪو اکر ڪڍڻ آ ڪلي
الهيءَ وقت اکين سان ڳالهائبو آ

اوهان سان رڳو دل کي وندرائبو آ
نه ڪٿبو ٿي آهي نه هارائبو آ

ڪڏهن دشمنن ۾ به ڏپ لاهي ٿيندو
ڪڏهن دوستن ۾ به گهٻرائبو آ

تڏهن شعر تنوير لکبو آ پانهي
جڏهن گهاءُ دل تي ڪوني کائبو آ.

# اڻپورو نظم

مان هتان جو ناهيان۔
هيءَ مٽي اوپري،
هيءَ ماڻهو اجنبي،
هي ڪڙيون جي منهنجي پيرن ۾ ڏسو ٿا
سي هنن ماڻهن جي ذهنن جا وڪڙ آهن،
تير جيڪي منهنجي سيني ۾ ڪُتل،
سي انهن جون تيز نظرون
رت، جيڪو منهنجي زخمن مان وهي ٿو
سو انهن جو قُوت آ،
مان هتان جو ناهيان
مان هتان جو ناهيان
مان ڪٿان جو آهيان؟
مان اتان جو آهيان،
جت سُرڪ جي ديويءَ جو راڄ
جت ٿڪڙن جا ٻار ٿا رانديون رمن
جت عشق جي پيڙي سدائين
حسن جي لهرن ۾ پينگهي جان لُڏي
جت خوشي چنگائي تيلين جان ڏکن جي رڻ ۾ لي
جهرمر ڪري۔
هي شهر آهي ڪو ديون جو شهر
جنهن ۾ ٻارن جون رڙيون،
جنهن ۾ چيرڪن چوڪريون
ٻاٽ اولڙ ۾ جٽي ٿيون تيل لئمپ جان
پوت جون اکيون پرن۔

## آثار آرائيبر

•

جيلن تي شام - سڌ پڙاڏن ۽ ٻاڄن ڪي جنم ڏي ٿي
هرلين جي ڪرُن جا آواز
۽ ٻڪين جا ڪنڀ هڪ هڪ ٿي ڪوهيڙي ۾ ڪرن ٿا
منهنجو سفر ڪجهه ڪوهه ٻاقي آهي
پر منهنجي گهوڙي جا سُنب
وقت ۽ محبت زلدهه حقيقتون آهن
انهيءَ وهم ۽ گمان جي وچ ۾ ڪٽي
منهنجي دشمن جو ٻه ڪوٽ آهي
جتي سدائين هوندي آهي رات
۽ ميدانن ۾ ڪاريون هوائون ماتم ڪنديون آهن
فضائن ۾ زهر جي ٻاس آهي
اولداهين ۾ راڪاس ڦرن ٿا
اکين ڪان وهندي وسنديءَ تائين
آتي جي هر شيءِ ڪاري آهي
ڪهرن ۽ ڪهٽين وانگيان
منهنجي دشمن جون دليون ٻه ڪاريون آهن
پر تڏهن ٻه آهي سڀ مون ڪي ڏاڍيون پياريون آهن
فقط ۽ فقط انهيءَ هڪ شخص ڪان
جو انهن ۾ آهي
پر انهن مان ناهي!

## ماڏيٺو اونو

آدم ۽ حوا والڪر
ڪوئي جوڙو
پيار ڪندو ته
21 صديءَ ۾ به
ٿڙجي ويندو
دنيا جي بهشت مان
دليا جي دوزخ مان

## ناگپال

### تون ڇا آهين؟

لڇوان پڇوان ۽ ٽوڪي ڳولهيان
جيون سپنا، تون ڇا آهين؟
ايڏا ڏانگ سهي ۽ ڏوريان
ڏولڳر ڏاڍا، تون ڇا آهين؟
ڪهڙي ماڳين ملندين مون کي
منهنجا سائين، تون ڇا آهين؟
هولڪو هاتل مدرا نيڻي
لنين لڪوري لار لڪيڻي
تون ڇا آهين؟
هي ليڙن تي ليٽهن جا لعرا
حق جي هوڪي و هڙ جا وِنا
او مترالطي سچ آيا ڳيا
تون ڇا آهين؟
ڳلي ڳلي ۽ ڪنهن کي ڳولين
مکتا ماريا، تون ڇا آهين؟
صبح سالجهيءَ هيٺ جا آلڪا
او ماليءَ ڦلڪا تون ڇا آهين؟
سچ سولهن سنيهن ليءِ ورچين
ڇا هيو سرجين؟
او ڪوي هجارا، تون ڇا آهين؟

●

رات جڏهن ٻه
سالت جي سيني مان
چيري ڦاڙي ڪا رڙ آئي لي
هاڻ اولڏهه ۾
تاري جي ڪا لاٽ ٽٽي لي
منهنجي سوچن کي
جڻ ته لئين ڪا واٽ ملي لي

●

سيج آخري ڪيت ڏلي
سنهر ۾ آ سنک وڳو
سالجهيءَ ۾ ڦهلايا
دل ۾ تنهنجي ياد ڪري!

### ٽيڙو

جالي هي جيون
تنهنجي ڳولا ۾
جنڊ الدر جهڙن آن

### دوهو

●

توسان جيءَ جڙيو او ڏرتي، توسان پنهنجو پيار،
تو بن ڪهڙي جنڊڙي سنڌڙي، جهڙو چورو هارا

## زبيده ميتلو

### ڪجهه نظم

•

ليري ساليءَ ڪنهن چادر سان،
سيتل سپنن جي ساگر سان،

موتي جيڪي ميڙيا هئا مون الا،
تن کي ڪير وکيري ويو!

دل جي وهندڙ لڪ ڏارن سان،
من جي وينا جي تارن سان،

نغما جيڪي جيڙيا هئا مون الا،
تن کي ڪير وکيري ويو!

ويهي بيهي ڏيهي پلڙا،
رتو رت ڪري هٿ، ڳنڍڙا،

سورن سان سهيڙيا هئا مون الا،
تن کي ڪير وکيري ويو!

•

هي جيون
هن چمن ۾ جڻ
چنبيل هن
بسنت جو ڪو واس نه وَن!

•

اماڻي رات بنا پرڀات
لڏي لمي تو لامن تي
ڪوئي چيرو... چوڏار
چيخون ۽ ٻرڙاٽ!

•

مان ۽ دولهون
ڪوري ۾ پنجري
هوائن منجهه ويون ٿا ورڪري!

## ڪيلاش

### نيرڙو

پيئل پاڻي
پار هنيو پٿر
آڏاتا مڇر

ڪوڙ جو ڪوٽ
سالن ۾ چمڪي پيو
پيڻ تي پاڻي

تاريون ماڪ پينيون
رات وڃي شرماءِ
مُرڪڙيون ڳل ٽيون

مزدورن وستي
ميري ڳدلي ڏلڏلي
هتيءَ جي روشني

بکي ڏڪي اک
شهر ۾ ريس ڪٽي
ڪيرڙيءَ ويڇو مک

پورهيت شل اکر ۾
ڪنڌو سهڻو ٿو لڳي
باهه ۾ ڳاڙهو لوهه

شهر سارو
نيڙا نيڙا فليٽ
ماکيءَ مالارو

سندر ناري
وڏيري سان نه لهي
ٿي وڃي ڪاري!

# نورالهديٰ شاهه

## چار نظم

### ڏُک

ﻫ ليڪا ڪيڏي
صليب ناهي
پنهنجو ٻال
ٽنڪي چڙيان
جي،
ڏُک سيني لڪي ۽ سکهان!

### سوچ

ڪنهن جي دڙي تي پيل
مٽل ڪالوَ جو
ٽٽيل لاش ڏسي
رت جا رشتا هاڻ تي هٿرپو اچن!

### پيون نظم

ڪنڌ ڪٽي
ساڄي هٿ ترئي تي
سڄائي رکيو اٿم
سولي - روڀي سيجَ جيان!

### پيلو پن

وهندڙ پاڻيءَ جي ڌارا ۾
هوريان هوريان وهندڙ
منهنجي جوانيءَ جو پل، پل
تنهنجي هٿن جي ريکائن مان
لڪري وڃڻ ڪان پوءِ
ڪيڏو نه بي معنا آهي؟

۽، جڏهن ڪان پوءِ
آئون جڏ
سرءُ جي آڪهاڙي وڻ جي
ٽاڻن ۾ اٽڪيل
پيلو پن هوندس

# غزل

اونڌاهيءَ ۾ تيلي ٻاريان
انڌائي کي ڪيئن ڏيکاريان
اوڌر ساءُ سُٺي ڪانهي ڪا
چوڻ ڪٿي ڪا سُرڪ آڌاريان
ڪوهه نه سورج وانگر آيرو
آلو اوهان کي آءٌ آڌاريان
پنهنجو ڪوئي سو ڪولهي ڪو
هرويرو پيو ٿو اوساريان
ماڻهن مون وٽ ڪولهي آهي
ڪيئن پلا ڪو پارڻ ٻاريان!
رات اينديءَ ته سمهي پوندس مان
ڏولڪر جهڙو ڏينهن گذاريان
ڀاڻ اڪي ۾ مليا آهيون ٻئي
آءٌ ته توکي ياد ڏياريان
حفيظ الطاف، لسيم ڪرل
ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو ساريان!

ديوار ڍٺي پئي آهي
۽ هُن پاسي ڪجهه ناهي
گولڊر آهن ڪُتن سوني
ڏس ڏلو هو ڪنهن ڏاهي
رات جهڙالي ۽ جهنگل
ڪُڙڪَپيتو ڪو آهي؟
سچ کي شل تون سوپ ڏين
ڪوڙ ڪتڪ آيو ڪاهي
الله اکيون ڦاڙي ڏس
سورج ناهي؟ پيو چاهي!

مون کي ڪوتا جوڙڻ ڏي
ناهه نتيجيءَ جا تون ناهي
اڄڪلهه سالهه ماڻهوءَ تي
ڪُتي وانگر ٿو ڀاهي!

(اڄڪلهه ڪُتو ڪُتي تي
ماڻهوءَ وانگر ٿو ڀاهي!)

## (نيڙو)

لِپٽ انڌي رات
ڏيئي سان اولڏاهه ۾
ڏسڪي پيئي ذات

ڳهلو نه تون ڳالهاءِ
ڪَلَ ڪٽي وٺ پاڻ ليءِ
ڪاريون ڇڏ مون لاءِ

هينئڙي تنهنجا هورَ
آڌيءِ ايش-ٽري ماڻ
اڏڙن لاءِ ڦيلهورَ

جاڳ ۾ سهني والڪَ
اکيان اکيان مارئي
پوهان چيلن چالڪَ

ڪوري، پُشپ، ڪماش
ولي رام جو ڳهرُ چڻ
هڪڙو لنڊڙو ديش

شاعر ۽ ايڪانت
اندر وِهه وِلوڙجي
ٻاهر ساگر سالت

ملڻ جو وارو
ڪُڪڙن جي دَسَ تي
شهري وپچارو!

نماهي "مهراڻ"
ڳورل پاتو الڪ تي
ليڪون ليڪون پهراڻ

ڪلارڪن جي رس
ٻاس هيو ۽ هوءِ هئي
اندران بند آنبس

## نظم

آءٌ اهـا ٻـه آهـونـي تنها
ٻـَـرِ ۾ بيٺـل وَڻَ جـهـان
شاخن وانگر پکڙيل سوچون
ڏليءِ بنا ڪنهن ڏَڻَ جيان

آءٌ اجـا ڏس رول اهونـي
پياسي ڪنهن بـادل والـڪي
منهنجا اونـي منهنجا ڳـونـي
سالـڪ هليا ويا ڪنهن سالـڪي

تيڪ بنا جهڙن ڪرڻي سورج
هٿَ هجن جيئـن رِيڪَ بنا
تو بـن آءٌ ائين ئي ڪورو
ڪاڳـر جهڙن ڪو لـيڪ بنا

•

ڪڏهن آءٌ هن لاءِ سورج هئس
هوءِ سورج مُکي
اجُ او-ڪي چئي
هُن ڏلي جهڙن هُني
تڏهن آءٌ هن لاءِ ڪجهه ڪونه هوس
رکيو رَکَ جو ڍير هوس
-۽ پوءِ اوچتو
هوائون لـڳيون
آڏاري ويون!

## سحر امداد

# غــزل

اونداهيءَ اڌ رات جو، هيڪل منهنجو هاڻ،
ساري ڏوکي ساندورا، جاڳان پيئي آنءُ.

دونهاڙيل؛ گهوگهانيل؛ آهي رات اماس،
ڪير- ڌارا ۽ تارا؛ ڏيندا روشن ڇانءُ.

لالي ليڪين لايان، تن من مهڪايان،
اڄ منهنجي آڱرين اڳن، ٻولي ٿو ٻيو ڪانءُ.

بحر وزن جون ڳوڙهيون؛ لنگڙا لولا لفظ؛
ڪوتا؛ رديف، قافيا؛ ڏات نه ڪوئي ڏانءُ.

سور پٺن ڪان پوءِ ٿي رات جهڪندي سج؛
ٻيکهري پوندي برف ۽ لهريون لهنديون لانءُ.

ٽڪڻي ڪنيءَ وارڪيان، ڳهڻو آيامي لوڪ،
دل- ڌرتيءَ جو الهي، ٻرپل ٿريل هو ٿانءُ،

جهاڳي ڪنڌ سمنڊ سڀ، آڪري اينديس آءٌ،
سڄڻ هان مان سج جي، ٻرهه سندم آ لانءُ.

پنکپائي صفائي ڪري هلي وئي ۽ آواز به تالو ڪٿي ٻاهر آيو. در ڪي تالو هڻندي هن ڪي خيال آيو، 'ڪجهه وسري ته ڪونه ويو آهي ڪنهن؟ لڳي ٿو ته ڪا شيءِ وسري وئي آهي. ڏاڍي وسرڻي ٿي آهي. ڇا ڪريان؟ هڪڙي ڳالهه آهي ته ڪا شيءِ وسري ويندي آهي ته دل ۾ ٿي هُرلدي آهي. اڄ به هُري ته ٿي. ڪهڙي شيءِ وسري وئي آهي؟' هن ذهن تي زور ڏنو؛ پر ڪيس ڪا ڳالهه ياد نه آئي. هو ٻاڻ تي چيڙي ٽڪڙو ٽڪڙو بدبودار ڏاڪڻ تان هيٺ لهي ويو.

(اڻپوري ناول جو پهريون باب)

●

مهر پروين

## بيت ۽ وائي

منهن سٽي منهن مير جو، محب ويو موٽي،
چاهه چڙهيو چوٽي، سالدي آهيان محب ليءِ

پرين جي پيرن جا، اٿئي پسان خواب،
سڀئي حساب ڪتاب، اڄي ته اوڳاڙي وٺان.

ڪالڪل چشج قريب ڪي، اڄ ج آڌيءَ رات،
تنهنجي آهي تات، سوٽ سگهو منهنجا پرين.

●

موت نه ڪجن هيئن، ڳاڍائيون ڏکين سين!
تين تهن ڪاهيان ڪست مان، جبل جاڏا جهنن.
وروپنديس ونڪار ۾، ساهه لڪتي ميئن.
سڄڻ منهنجا سُپرين، تو نه جُڳائي ايئن!
پالدي تنهنجي پار جا، ڪبرون ڏيندم ڪيئن.
پري لي 'پروين' ڪان، توکي سري ڪيئن؟

”ذات جي ڏيھہ“ ۾ جتي جميل جھڙا سيليا، اڪبر جھڙا خود غرض دوست ۽ ارشد جھڙا ڪروڌي ايڊيٽر آھن، اتي ساگر لطيف جھڙا اڏول ليکڪ بہ آھن - فن کي پنھنجي زندگي ارپڻ جي باوجود بہ ليکڪ کي اجوري ۾ بُک ۽ بيروزگاري ئي ھٿ پوي ٿي؛ ڪھاڻيون ھُن جي پٽ کي ڪاليج ۾ داخلا لئيون وٺي ڏئي سگھن؛ ناول ھن جي بيمار ڌيءُ لاءِ دوا نٿا پڄي سگھن ۽ ھڪ حساس ليکڪ اھو سڀ پنھنجي جھيڄي جُھري ٿو پوي ۽ ادبي سمونڊ جي ساگر مڇن ۽ آڪٽوپس ٻلائن جو ٻَکُ پڄي ٿو وڃي - ھتي ان ٽي. وي ناٽڪ جون ڪجھ تصويرون ڏيئي رھيا آھيون. - ادارو.



جنان - جنت (ممتاز ڪنول) اوجاڳا ۽ اوسيئڙا جنھن جو ڀاڳ آھن - بُک ۽ بيماري جنھن جي گھر جون ڀاتي آھن.



سيپي (پي پي سنگيتا) ماءُ سان. ڪنڍين، رالديڪن ۽ سنن ڪڙن ڀرڻ جي وَهي ـ ۽ اها ئي وَهي هن لاءِ موت جي وَهي آهي.



ساگر لطيف (محمود صديقي). هڪ عظيم ليکڪ. ساري الساندات جي سُک ـ سڪار لاءِ جاکوڙيندڙ؛ پر پنهنجي پياري سيپيءَ لاءِ وٽس دوا جا پيسا به نه آهن. سيپيءَ جي موت تي هو پنهنجي لکڻين کي تيلي ڏيکاري، ٻاٺ ٻـ ڪامي ٻجري ڪلي ٿو ـ روئي ٿو...

# شاھ حسين جون ڪافيون

## (پنجابي)

محبن جي مرماليءَ خاطر، رتُ ولوڙي پٽُ ڪريان!
جگر، اکيون، سڀ ٻيرا ڪيترم، تو اڏو تہ قبول نہ پيترم،
حاضر حال اھولي ڏيترم، ھاڻيءَ ڪنورو آءٌ پريان۔
ڪاڳر آھ قرين مُڪو، اکر اکر لي ھاڻ لکي ٿو،
سکھ سربر وڃائي ويٺو، روئي روئي رَجَ پريان.
تن من ڪيترم ھُرزا ھُرزا، ھوھ ا. مھر نہ آيءِ مٺڙا،
ھاھ چُڪي ويا سارا چارا، آڏر ليڏر آءٌ ڪيئن ڪريان.
چوي حسين فقير لمانو، ھيو ڪجھ لاھي آھي رائو،
دالا، بينا، سمجھو، سيانو، ڏيان اھوني، آءٌ ڏريان.

●

چارني چُنيءَ ھانڊَ، پنا پنيءَ رات.
ڪتي نہ ڇانان ھوليون، ڏانءُ سون ٻہ ڏات.
ويٺي لت وسائيان، برھ سندي برسات.
ھڪ انڌيري ڪوڙي، مٿان انڌي رات.
چوي حسين فقير الا، بازي ٿي وني مات.

●

آھل چوھ ڪتِ ڙي.
سون نيتِ ڪتڻ ليھ سکيو، ھر ليک اڳيني لکيو،
رھي نہ ڪائي متِ ڙي.
ٻن اٿي چرخو، ڪوھ ھُوٺيون، ھڏان آرٽَ ڪي لت ڙي.
ھنجون ھاري سڪوني، عاشق رولن رَت ڙي.
چوي حسين فقير اسائو، ساھ ڇڏي ويو ست ڙي.

ترجمو: امداد حسيني

مهڙي ڪٺي ڪٻير ۾ وڃڻندا، سڄي ڏينهن ۾ ساهيءَ پٽڻ لاءِ اوتارو هڪ ٻيرو ڏسڻ، سندن اوتارو ڏسڻ وٽان آهي، سيوي جي مارڪيٽ پيو معلوم ٿيندو... ڪڏرا، چالهان، چيڙ، ريڙ ڍلڪ سان رکيا هوندا، مزمان مڙو آبو ته پوءِ ويهي ٺولڪا هٽي ٺڪائيندا، چي: هي ڪچو آهي ۽ پاڻ، هي پڪو آهي ۽ پوڏ. پنهن جا پارڙا ته اوتاري ۾ آيري ڪان لٿي ته ڏين رهڻ - ۽ پيا خوب خوبان ڪمڻ جي تلاشي وٺن. سندن ڪاڏيءَ تان چانهين جي رس جا ريلا وهندا لڦار ايندا، ميرا ۽ رس جا رتل ڪپڙا سندن ات ڪي اڀالا ۽ آڌاوا مور ڏ لڳندا، ۽ ڪين ويتر پيا وٺندا ۽ سيبائيندا.

ٺاريلن جا ڪمڻ ڪا سيٺ ورلڊمل جي واڙي ته لاهي جت چيڙ، ريڙ ۽ تراڙي جي پڙ تڙن، هتي نه جهنگ پچيو پون، پيو ڪاٺ ۽ ڪٺ، ليڪو رکندي ڪين لڄ آچي، مهمان ڪي ڪيٽ مان چالهون چڱو چوڪو چولڊي ڏين ته پل ڪاني خوش ٿئي، چار چؤنڪ ڳالهين جا پڏائي آلي. ڪيٽ ۾ ڪڏرن تي مانهن جو واهونو لڳيو وڃي، پيا آٽ ۽ ڪڏم ڪڏرن جا للابن ۽ مجال جو پنيرو ڪٺي منهن ۾ سَر وجهي، ۽ سدائين پيو ڪلندو ۽ هٽ ڏس ڪندو...

سي ٺاريلا ٺڙن ۾، جي مانُ گهڻَ گهَرِي
وطنُ وَسَ وَسندئون، هنبڙِي نيتُ هَرِي
آندر چيتُ چَري، وِرهَ وِيڙهيچَنِ جو.
(شاهه)

لڪي لاهه لٿو لڪان،
ذهن جي صحت
ڦاٽر رکي لاهه ٿو لڪان!

شاعر ۽ ليکڪ جو سنئون سڌو واسطو ادب سان هوندو آهي، جنهن کي سولي سنڌيءَ ۾ پڙهائجي، ته جيئري جاڳندي زندگيءَ کي صفحن ۾ سهيڙڻ ئي جنبو ۽ شاعري ته وري لفظن ۽ جذبن جي سائنس جو ڪيتر آهي، جا لطيف احساسن جو بهترين اظهار ڪري ٿي.

اڄ جو ادب اتي پهتو آهي، جتي ڪيس فوٽوگرافر ڪان ڦني، هڪ ڊاڪٽر سرجن جو ڪم ڪرڻو پوي ٿو، يعني نه صرف مسئلن کي چيڻ يا عڪاسي ڪرڻ، پر انهن جي وَهُ ڪٽ ۽ ڀاڙ ڦڻ جا نسخا ڳولهي ڪيڻ، اجاين وهمن، رسمن ۽ ڪچاين سان الاول انسان کي ڪيڻ ۽ سندس جند ڇڏائڻ:

ڪاٺ تي    پنڪو لاهي
ڪهاڙو ٿي    پرن تي رکي جا ڏينهن وڃا
يـا
ڪجهه ته ٿي    هاڻ جي حق وٺو آهي
ڪيستائين پڪرو ٿيندين؟    ته پنڪو لاهي پٺي جي ڳچي ۾ وجهه
ڪسڻ سا ڳڻ
ڪهڻ ۽ سک
ته جي سگهين-!

۽ "سالي" سورو اميد، همت، ويڙهه ۽ حوصلي سان ڀريل آهي:

ڀورهئي سان ۽
جي پيٽ جي
ڀورائي نه ٿئي
پار پچا پک مرڻ-ته
چوري نه ڪندم-ته
پيو چا ڪندم-!

آزاد نظم ۾ سهڙيل هئي ساليءَ جهڙن سونون ڀاڻ سان وڏي لوڻ ۽ الوڪا ويچار ڪئي آيون آهن. هونئن ۽ آزاد شاعري شعر جي دنيا ۾ انقلاب آندو آهي. شاعر جي خيال

آهي يا نه-
سون کي خبر نه آهي-!

يا طبقاتي سماج تي لڪندي چون ٿا؛

ٻکيو اکهاڙو رهي
آن آهائي
ڪيڏو نه قلندر آهي-اسان جو هاري!

هي در ديوار
............
جنهن جوڙيا
الهيءَ جي ٻه زال هئي
ٻار هئا
پر انهن لاءِ
هو نه در ڏاهي سگهيو
نه ديوار
..........
پين لاءِ جوڙيندي
مري ويو
هاڻي سندس ٻارن جو وارو آهي-!

ڪيس ڳالهه چوڻ جو ڏاڍو چينڊڙ ڏانءُ آهي، ٻولي سادي سلوڻي ۽ صاف اٿس
محاورن جو وقائتو استعمال ڏاڍو لٺون ۽ سوٻياوان لڳي ٿو.

ٻاڻ ڪي
ماضيءَ سان پيار آهي
پيار-ڏاڍو پيار

اهو ماضي جنهن ٻک بيروزگاري اني لئي ۽ اجهي جا مسئلا ڏنا، تنهن سان پيار-هڪ
اڙدو ماڻهو ڪلاهن ٻه ماضيءَ سان پيار ڪري چپ نه ڪنه و آهي. اڳتي وڌڻ حياتيءَ جو

اھڃاڻ آهي تہ ھتي ڇو؟ ماضيءَ کان تہ ڪجهہ سکيو آهي ۽ مستقبل سنوارڻ لاءِ سعيا ڪيا آهن.

ھر ھوءِ بہ آءٌ چولدس تہ 'ساٿي' جون ھي سٽون ھاڻ بہ وڏي مٿيا رکن ٿيون. شعري دنيا ۾ وڏو انقلاب، سوچ ۽ فڪر ۾ وڏي تبديلي آهي. ھنھنجي جڳهہ تي ھڪ نرالي الوکي ۽ انفرادي شيءِ آهي، جنھن جو ان کان ھھرين ڪو وجود ڪونہ ھو.

مذھب، جنريشن گئپ، شادي (ڪنواري) ۽ تعليم تي عالماڻي صاحب جن جنھن السڪ اسٽائيل ۾ ترقي پسند سوچ ڏني آهي، سا سنھن ئي حصو آهي. دل ٿي چئيم تہ جيڪر سندن ھر سٽ جو حوالو ڏيان، ڪيڏي نہ جدت، سجاڳي ۽ انقلابي فڪر آهي.

آخر ۾ ائين ئي چولدس تہ، ھن ڪتاب جو وڏو حصو الھن ڪتابن جي وچور ۾ اچي ٿو، جن لاءِ بيڪن چيو آهي تہ: سمورا چٻاڙي ھضم ڪرڻ جهڙا ٿيندا آهن.

— لاڳيال

["سچ ترڪيءَ هيٺان" تي تبصرو قاضي خادم ڪيو آهي.]

## ● ڏيان ۾ رکڻ جوڳيون ڳالھيون:

1. خط مختصر لکيا وڃن ۽ الھن ۾ ڪنھن بہ لکڻيءَ جي وٺڻ/ل وٺڻ جا ڪارڻ لکڻ گھرجن.
2. مواد فل اسڪيپ ھني تي چئن اکرن ۾ لکي موڪليو وڃي.
3. ڪنھن جواب طلب ڳالھ جوئي جواب ڏنو ويندو، ان ڪري جوابي لفافو اُھ موڪليو وڃي.
4. اجاين ۽ غيرضروري بحثن کان پرھيز ڪئي وڃي

سائينمِ! سَدائين، ڪَرِين مٿي سِنڌِ سُڪارَ،
دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

